ڊاڪٽر منظور علي ويسريو

# موجوده دور ۾ ساميءَ جي شاعريءَ جي اهميت

# Importance of Sami’s Poetry in Modern Times


## Abstract:

*Sindhi is an ancient language. It has rich literary traditions, which consists classical and modern literature. Many poets of classicalperiod had enriched Sindhi classical poetry and enlighten the masses of Sindh. Chainrai Bachumal or Murlidhar, Dattaramani, Sami is one of the famous poets of Sindhi classical poetry. Shah Latif, Sachal Sarmast and Sami are the trica of Sindhi classical poetry. After Shah Latif and Sachal Sarmast Sami has an important position in Sindhi classical poetry.*

*Chainrai Sami was born in 1743 in Shikarpur and died in 1850. He composed his poetry in Salokas. The collection of his poetry is known as “Sami ja Salok” (Salokas of Sami). 35 years after the death of Sami, Kauromal Khilnani collected 2100 Salokas and published them with a fine preface. The main themes of his poetry is to unite the human spirit or soul with God or the over soul by purring it of worldly and sensual pleasures and attachments. He also gave the moral teachings and highlights the evils of the society. His message is the message of love, brotherhood, equality, tolerance and peace.In this research paper it has been tried to highlight or elaboratethese above themes of Sami’s poetry, which are much needed in present time of Sindhi society.*


ادب زندگيءَ جو تفسير آهي. چاڪاڻ ته انساني زندگيءَ جو هر هڪ عمل ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ادب جي دائري سان تعلق رکي ٿو. ادب قومن جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ جو گواهه پڻ هوندو آهي.شاعري ادب جو اهم ذريعو آهي. نثر جي مقابلي ۾ شاعري گهڻو عرصو زنده رهي ٿي ۽ ماڻهن جي روح کي متاثر ۽ متحرڪ ڪري ٿي.قومن جي تاريخ تي نظر ڊوڙائبي ته انهن ۾ شاعرن جو مقام مٿانهون هوندو آهي ۽ سڀ کان وڏيڪ چاتل سڃاتل شخصيتون شاعرن جون هونديون آهن.وري جڏهن شاعريءَ جي تاريخ تي غور

---

• اسسٽنٽ پروفيسر، نپس، قائد اعظم يونيورسٽي، اسلام آباد.

ڪبو تہ ان ۾ ڪي نالا اهڙا سامهون ايندا، جيڪي ان عظيم ورثي جي سڄاڻپ جو سبب بڻيا. جيئن سنڌي شاعري جي اها عظيم روايت شاهه لطيف جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي تهذيب، ثقافت، تاريخ ۽ تمدن جو اهم اهڃاڻ بڻجي ويو آهي. بقول محمد ابراهيم جويو:

"شاهه، سچل ۽ سامي سنڌي قوم جا استاد، هادي ۽ رهبر آهن. خاص طرح شاهه سائينءَ سنڌي قوم کي پنهنجو رسالو عطا ڪري ان کي 'اهل ڪتاب' هجڻ جو شرف بخشيوآهي. هيءُ پنهنجيءَ ڪنهن شيءِ کي عظمت يا تقدس ڏيڻ جي ڳالهه ڪانهي، پر هيءَ هڪ حقيقت آهي. شاهه جو رسالو دنيا جي جملي مذهبي تعليم جو نچوڙ ۽ سنگم ۽ سنڌي تهذيب جي سموريءَ حاصلات جو روح آهي. ان ۾ زند اوستا، گيتا، ٻڌ ڌرم، جين مت، مسيحيت ۽ اسلامي تعليم جا اهم ۽ اعلي اصول ۽ قدر سڀ موجود آهن، جيڪي هونئن بہ بنيادي طور ساڳيا آهن. ان جا ڪيترائي سر، الڳ الڳ ۽ سڄي جا سڄا يا پاڳن ۾، انهن مذهبن جي پنهجي پنهجي تربيتي ماحول ۽ تعليمي اصطلاح تي مبني ڏسجن ٿا. ان ۾ سنڌي تهذيب جي هزارن سالن جي روحاني تجربي ۽ روايت جي نبار جاڻ ۽ ساڱاهه موجود آهي."(1)

شاهه لطيف جي ان روايت کي سچل سرمست ۽ ڀائي چين راءِ "سامي"اڳتي وڌايو. اهڙي نموني اهي ٽئي شاعر سنڌي اساسي شاعري جا بنيادي اهڃاڻ بڻجي ويا. سنڌي ادب ۾ شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ سامي هڪ اهڙي تثليث آهي، هڪ اهڙي ٽمورتي آهي، جيڪي سنڌي قوم جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جا حقيقي ترجمان آهن.بقول محمد ابراهيم جويو:

"شاهه، سچل ۽ سامي عظمت جي صحيح معني ۾، سنڌي سماج جا عظيم ماڻهو آهن. اهي سنڌي سماج جي هڪ وڏي بحراني دور جي پيداوار آهن. هو ذهني (روحاني) دنيا جا عظيم تخليق ڪار آهن. هو پنهنجي ذات ۽ ذاتاريءَ ۾ڻهي ۾ بي مثل ۽ بي بدل آهن. هو سنڌي سماج جي نئين جنم جا نقيب آهن. هو مفڪر بہ، شاعر بہ ۽ فنڪار بہ هئا. هو ٻين لاءِ جيئندڙ، عام مفاد لاءِ لڇندڙ ۽ سڄي پنهنجي زندگي هڪ ئي مقصد لاءِ پاڻ پڇائيندڙ ۽ هڪ ئي آدرش جا فدائي هئا. هنن پنهنجي دور ۽ پنهنجي دنيا جي اندر

جي اصلي ۽ سچي امنگ کي سمجهيو هو، ان ۾ جيڪا نئين معني تڙقي رئي هئي، ۽ جيڪو نئون ساهه سچي ۽ سانيجي رهيو هو، ان کي هنن ڄاتو هو.“ (2)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي سماج کي، شاهه، سچل ۽ ساميءَ، هن ڌرتيءَ جي انهي اعلي مقصد سان روشناس ۽ ان لاءِ تيار ڪرڻ ٿي گهريو. هو سنڌ جا عظيم استاد، هادي ۽ رهبر هئا. هو تمام وڏا انسان ۽ وڏا شاعر هئا. هنن اسان کي تعليم ڏني آهي، سا ڪا معمولي تعليم ڪانهي. هنن سنڌي سماج جي آڏو نئين انسان جو تصور پيش ڪيو. هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعورڪان واقف ڪيو ۽ ان لاءِ ڪين عملي راهه ڏيکاري. قومي تهذيب، قومي مذهب ۽ قومي سياست جي راهه، مشترڪ مفاد ۽ باهمي تعاون جي راهه، محبت، رواداريءَ ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قربانيءَ جي راهه.. هنن جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو خواب هو ۽ هنن وٽ ان خواب جي تڪميل جو رستو به هو.“ (3)

شاهه لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ سامي سنڌي اساسي شاعري جو هڪ بنيادي حوالو آهي. ان جي ذڪر کان سواءِ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ نامڪمل چئبي. اهي ٽيئي شاعر سنڌي سماج جا معمار آهن. سنڌ جي تاريخ جو تسلسل آهن ۽ سنڌ جو قومي ورثو آهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”شاهه لطيف، سامي ۽ سچل سنڌي ساهتيه جا ٽي املهه رتن آهن. انهن جي واڻي اسان جو قومي ورثو آهي.“ (4)

ساڳي ڳالهه کي ڊاڪٽر تنوير عباسي هيئن بيان ڪري ٿو:

”اسان جي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي هڪ ٽمورتي آهي، شاهه، سچل ۽ سامي. جتي ساميءَ جو نالو نه آهي، اتي سنڌ جي ڪلچر جو، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو ۽ سنڌ جي ادب جو تصور تڏهن ڪري سگهجي ٿو، جڏهن شاهه ۽ سچل سان گڏ سامي به شامل آهي.“ (5)

محمد ابراهيم جويو پڻ سنڌ جي انهن عظيم شاعرن جي عظمت کي هيٺين لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪندي لکي ٿو ته:

”قومون، ملڪ ۽ سماج پنهنجن شاعرن وسيلي سڃاتا ويندا آهن. سنڌ ۾ سنڌي سماج جي سڃاڻپ جا ٽي شاعر آهن. شاهه،سچل ۽ سامي. سنڌيءَ جا هي سونهارا ۽ سداحيات شاعر سنڌي سماج جي سموريءَ چڱائيءَ، سموري سونهن ۽ سموري سچ جا ڄاڻو ۽ امين ۽ ترجمان آهن.“ (6)

جديد سنڌي شاعريءَ جو مهندار شيخ اياز، شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي عظمت ۽ هر دور ۾ انهن جي اهميت کي بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

”شاهه، سچل ۽ سامي، سنڌ جي صدين وانگر منهنجي ساهتڪ تاجي پيٽي ۾ اٽيل آهن. سامي به مون لاءِ ايتروئي اهم آهي جيترو شاهه ۽ سچل. ڇو ته ٽنهي جو نقطهء نگاهه ساڳيو آهي جو ويهين صديءَ ۾ به ايتري اهميت رکي ٿو، جيتري پنهجي دور لاءِ رکندو هو. مان رسمي طرح ”شاهه سچل ۽ ساميءَ“ جي شاعريءَ جو جائزو نٿو وٺان، پر ويهين صدي لاءِ ۽ ايڪيهين صدي لاءِ، جا هڪ ڏهاڪي ڪان پوءِ اچي رهي آهي، انهن جي لحاظ کان سندن پيغام کي پرکيان ٿو.“ (7) ص. 28سامي نمبر.

وري اڳتي شيخ اياز، سامي جي اهميت جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”سامي اسانجي ادب جو اٽوٽ حصو آهي. هن کي وسارڻ جو سبب اهو آهي ته اسان انهيءَ ٻوليءَ کي وساري چڪا آهيون جا ساميءَ ڪم آندي آهي. بازار ۾ سامي جا سلوڪ ناياب آهن، نه رڳو ويدانت جي فلسفي ۾ دلچسپي رهي آهي پر تصوف ۾ به گهٽجي رهي آهي. پر پوءِ به سامي اسان جو ائين ورثو آهي جيئن ڀٽائي اسان جو ورثو آهي.“ (8)

ڀائي چين راءِ،”سامي“ جو دور 1743ع کان 1850ع تائين آهي. مطلب ته ساميءَ جي وڇوڙي کي 173 گذري ويا آهن. ڏنو وڃي ته 173 سال ڪو ايترو وڏو عرصو ناهي، پر غور ڪجي ته ان عرصي ۾ تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي، معاشي توڙي علمي ۽ ادبي لحاظ کان تمام گهڻيون تبديليون رونما ٿيون آهن. اڄ جو سنڌي سماج، سامي واري دور جي سماج کان تمام گهڻو مختلف نه آهي. ان وقت به سنڌ معاشي طور ٻن طبقن ۾ ورهايل هئي. هڪڙو جاگيردار ۽

زميندار طبقو ۽ ٻيو غريب ۽ مزدور طبقو. ان وقت بہ جاگيردار ۽ زميندار خوشحال زندگي گذاريندا هئا ۽ غريب ۽ مزدور زندگيءَ جي سڀني سهولتين کان محروم هئا. ان وقت بہ مذهبي ڪٽرپڻي جو رواج هو ۽ جهالت عام هئي پر ان وقت صوفي بزرگ پنهنجو پيار، امن، محبت ۽ رواداري جو پيغام جاري رکندا آيا. هاڻ جڏهن موجوده سنڌ جي صورتحال تي غور ڪريون ٿا. تہ اڄ جي سنڌ سامي جي دور جي سنڌ کان ٿوري مختلف ضرور آهي پر ان ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون اڄا بہ ساڳيون آهن. اڄ بہ زميندار ۽ جاگيردار طاقتور آهن. اڄ بہ سنڌ ۾ غربت جي انتها آهي. ان وقت جي سنڌ کان موجوده دور جي سنڌ ۾ مذهبي جنونيت ۾ واڌ آئي آهي. تعصب، انتها پسندي، طبقاتي فرق ۾ اضافو ٿيو آهي. ان وقت بہ سنڌ ۾ ڌاريا قابض هئا اڄ بہ سنڌ ۾ روز بروز ڌارين جي آبادڪاريءَ ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي.ان صورتحال ۾ موجوده دور ۾ ساميءَ جي شاعريءَ جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ساميءَ جي شاعري ۾ ايڏي سگهہ ۽ ان ۾ اهڙا نصيحت آميز نڪتا سمايل آهن جيڪي نہ رڳو موجوده دور ۾ بلڪہ مستقبل ۾ بہ رهنمائي ڪندا. بقول تاج جويو:

”سامي سنڌي سماج جي سجاڳ شاعر جي حيثيت ۾، سماجي ڏک درد کي محسوس ڪري ٻيائيءَ ۽ نفاق کي دور ڪري، ”دوئيءَ“ بدران ”وحدت“ جو سبق ڏنو. هن ٻڌايو تہ اسلام ۽ هندو ڌرم، تفرقي ۽ ويڇي جا ڪارڻ نہ آهن، پر نفاق مان قومي ۽ سماجي وجود کي خطرو آهي. اڄ وقت جي ضرورت آهي تہ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ٻوليءَ ۽ پيغام کي سامهون رکون. دوئيءَ جي ور نہ چڙهون، پنهنجو قومي ۽ انساني روح، مايا ۽ ڪايا جي موهو ۽ ميڙيءَ ۾ نہ لڳايون. سامراج ۽ مذهبيت جي فرقيباز سياست کان سنڌ کي بچايون ۽ محبت واري واٽ (تصوف ۽ ويدانت) کي عام ڪريو.“ (9)

ساميءَ ۽ ان جي ڪلام جي سنڌي ادب ۾ اهميت متعلق مٿي سنڌي ڏاهن ۽ عالمن جي بيان ڪيل وضاحت کان پوءِ سندس ڪلام ۾ جيڪي گوڙها نڪتا سمايل آهن، جيڪي موجوده دور جي ماڻهن لاءِ سجاڳيءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا انهن کي مختصر طور هيٺ بيان ڪجي ٿو.

ساميءَ جو ڪلام جن عنوانن ۾ ورهايل آهي انهن ۾ مايا، اوديا، مورک، اگياني، ويساسي، پاونا، ساڌ مهما، ست سنگ مهما، ساڌ سنگت، گرمک، ايشور مهما، اپديش، ڀڳتي، سِڪ، پريم، عشق، نيهي، محبت، سهاڳڻ،

ڇهہ اناره چار، درد وند، لکشڻ، ساڌوجن، سنت، اوڌوت وغيره شامل آهن. انهن عنوانن هيٺ سامي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي ۽ هڪ استاد وانگر اسان کي تعليم ڏني اٿس. سامي پنهنجي ڪلام ۾ انسان جا پنج دشمن ڄاڻايا، جيڪي ڪام، ڪِرودِ، لوڀ، موهہ، اهنڪار آهن.موجوده دور جو انسان بہ انهن پنجن ئي بيمارين جو شڪار آهي. انهن پنجن ئي دشمنن کي وس ڪرڻ لاءِ سامي خاص زور ڏئي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ:

ڪئي خلق انڌي مايا موهہ ممت سان،
مِرگ ترِشِنا جي جل ۾ وڃي سڀ وهندي،
وِرلي ڪنهن ڳُرمک لڌي ڪِرپا ساڻ ڪنڌي،
ٻانهِين جنهن ٻنڌي پنج ئي ڪِيا وس پانهنجي.
(10)

مٿئين سلوڪ ۾ سامي مايا يعني دولت جي لالچ کي بيان ڪيو آهي تہ ڪيئن نہ دولت انسان کي غافل ڪري ڇڏي ٿي. جڏهن انسان دولت جي نشي ۾ غرق ٿي وڃي ٿو تہ هو سڀئي رشتا ناتا وساري ڇڏي ٿو ۽ هو ان جي موهہ ۾ غوطا کائي ٿو ۽ پنهنجي اندر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ئي نٿو ڪري. سامي اهڙي ماڻهوءَ کي مورک سڏي ٿو. سندس موجب مورک اهو آهي جيڪو پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ سبب دين جي واٽ نٿو هلي. مايا جي موهہ ۾ ڦاسي ٿو پوي ۽ اوديا جي کن ۾ غرق ٿو ٿئي ۽ هيڪڙائي هيڪ ۾ يقين نٿو رکي.

گهر ۾ رام وسي ٻاهر ڍونڍي جيءُ نت،
پائي منهن مهران ۾، سامي ڪين پسي،
پانهنجو پاڻ ٿي، ٿو مورک اوديا ڦاس ۾.
(11)

سامي پنهجي سلوڪن ۾ 'اوديا' جو ذڪر ڪيو آهي. اوديا، وديا جو ضد آهي جنهنجو مطلب آهي اڻ ڄاڻائي يا بي علمي. ان سلسلي ۾ سامي فرمائي ٿو تہ:

سڀ کي نچائي، ٿو اوديا پوت پرم جو،
بنا ڦاهيءَ ڦند جي، ٿو پل پل پٽائي،
منتر نہ مني ڪنهن جو رهيا، ٻلي ٻل لائي،
ستگر ڇڏائي تہ سامي ڇٽي دک کون.
(12)

ويساھ يعني يقين. اھا ھڪ وڏي دولت آھي جنھن کي نصيب ٿئي. سامي پڻ ان کي وڏو ٿو سمجھي. ان موجب:

وڏو جاڻ ويساھ، سامي سڀ ڪنھين ڪون،
ويد پراڻ مٿي ڪري، ڪڍيو اھو راءُ،
انتر مک آجي ڪري، سمجھي ڪر سماءُ،
چڏ وڏائي واءُ، تہ سھجي ملني سپرين.
(13)

سامي ٽالپرن جي دور جو شاعر آھي. ان دور جي تصوير چٽيندي ڊاڪٽر ممتاز پناڻ لکي ٿو تہ.:

”ساميءَ جا سلوڪ ھڪ اھڙي دور جي عڪاسي ڪن ٿا، جنھن ۾ سنڌ جي ماڻھن ۾ تعليم گھٽ ھئي. لالچ ھر ڪنھن ماڻھوءَ ۾ ھوندي آھي، ويتر جو انگريزن جو اثر وڌيو تہ انھيءَ ھيڪاري ماڻھن کي گمراھ ڪري ڇڏيو. سامي جو دور، ٽالپرن جو دور ھيو، جن 1783ع کان 1843ع تائين حڪومت ڪئي. سامي، ٽالپرن جو عروج ۽ زوال ڏٺو. انگريز ان وقت سنڌ تي قبضي ڪرڻ خاطر نيون نيون چالون ڪيڏي رھيا ھئا. سنڌ جي ماڻھن کي سندن حاڪمن خلاف گمراھ ڪري ڀڙڪائڻ، انگريزي مال جي وڪري کي ھمٿائڻ، سازشي ۽ خوشامدي ٽولي کي رشوت ڏئي جاسوسي جو ڪم وٺڻ، ٽالپر دور جي اميرن ۽ سردارن کي وڏيون رقمون ڏئي حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ ۽ وقت جي حاڪمن کي زير بار ڪرڻ لاءِ ظالمانا حرڪتن ۽ مڪاريءَ تي مبني ترڪيبن استعمال ڪرڻ. جيئن تہ انگريز ان وقت برصغير جي وڏي حصي تي قبضو ڪرو ڇڏيو ھو. ان ڪري سنڌ جي ماڻھن کي خاص ڪري غير مسلم طبقي کي پڪ ھئي تہ انگريز ھڪ نہ ھڪ ڏينھن سنڌ تي ضرور قبضو ڪندو. ان وقت ماڻھن کي صحيح رستي تي آڻڻ لاءِ سنڌ جي صوفين پنھنجو ڪردار ادا ڪيو.“ (14)

ان صورتحال سان گڏوگڏ ان دور ۾ مُلن، مذھب جي پرچار ڪندڙپنڊتن، ٻانيٽن مذھب کي پنھنجي پنھنجي انداز ۾ پيش ڪيو ۽ اھي ماڻھن ۾ نفرتن جو ٻج ڇڏي رھيا ھئا. امن ۽ اتحاد کي ھر دور ۾ ۽ سندن ڪوڙين فتوائن عام ماڻھوءَ جي نظرياتي آزادي ۽ احساس کي پئي گھٽيو آھي. ان

سجي صورتحال جو مقابلو سنڌ جي صوفي بزرگن ڪيو. انهن اهڙن ڪوڙن ۽ نفرت جو ٻج ڇٽيندڙن خلاف آواز بلند ڪيو ۽ پنهنجي نہ فقط طرز عمل بلڪ ڪلام ذريعي عوام جي دلين تي حڪمراني ڪئي.ساميءَ بہ ان روايت کي برقرار رکيو، جنهنجو ثبوت سندس هيٺيان سلوڪ آهن:

خلق ۾ خالق، خلق وسي خالق ۾،
ساڪ ڏئي سامي چئي، انئي عاشق،
ڏنو جنهن آڪاس جان، هردو سوڌي هڪ،
ميٽي ڀير فرق، پاٽي موج مهت تي.
(15)

هڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

ويد پران، قرآن ڪو، سيني ۾ هڪ سوت،
سمجهي ڏس سامي چئي، لائي من مضبوط،
جئن آڪاس گهٽن ۾، تئين سڀ ۾ ساڪي پوت،
ڪو آتم رت آڏوت، سمجهي هن سخن کي.
(16)

سامي اهڙن پنڊتن ۽ ملن کي بي نقاب ڪيو ۽ انهن خلاف آواز بلند ڪيو. بقول سامي:

لڪين لباڙي ڳالهيون ڪن آگم جون،
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا مٿو ۽ ڏاڙهي،
ڪلڪائين ڪپٽ جي، ڪاتي ڪهاڙي،
ياڙ ڪائي ياڙي وهيا وڃن وهہ ۾.
(17)

سامي مولوين، پنڊتن سان گڏ ان دور جي حاڪمن، چوڌرين ميرن ۽ حاجين کي بہ آئينو ڏيکاريو:

ڪلجڳ جا ڪوڙا، مير متهدي چوڌري،
راتيون ڏينهان لوڀ جا گهر ٻنڌن ٻوڙا،
ويساهي ويساهہ سان، ڊوهن وسوڙا،
سامي مت موڙها، مرڻ نہ ڄاڻن من ۾.
(18)

مٿي بيان ڪيل صورتحال تي غور ڪبو ته اڄ به صورتحال ساڳي آهي. ان ڪري ساميءَ جو ڪلام نه فقط ان دور جي لاءِ ضروري هو بلڪ اڄ به ان جي اوتري ئي ضرورت آهي.

سامي مايا يعني دولت کي ڏائڻ، بلا، نانگڻ وغيره ڪوٺي ٿو ۽ ابتدا ۾ ئي هڪ سو ڪان مٿي سلوڪ مايا متعلق چئي ماڻهن کي ان جي موهه کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو. موجوده دور کي ڏسبو ته اڄ جو انسان دولت ميڙڻ ۾ اڳي کان اڳرو آهي ۽ مايا کي ئي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهي ٿو. بقول سامي:

مايا سڀ موهي، جيءَ ڪيا وس پانهنجي،
وڏائين ول چل سان، انڌا بنڌي ٽوئي،
پني ڏيئي پاڻ کي، ڪن هوئي هوئي،
آتم ڏن ڪوهي، مورک وينا مت ري.
(19)

اڄڪلهه هر ماڻهو اها دعويٰ ڪري ٿو ته مون جهڙو ڪو چڱو ناهي. چاهي اهو ڪيترين ئي برائين ۾ ڇو نه مبتلا هجي پر سامي جي نظر ۾ چڱو اهو آهي جيڪو پاڻ به چڱا ڪم ڪري ۽ ٻين کي به تلقين ڪري:

چڱا سي چئجن، چڱو جنين جي چت ۾،
برائي ڪنهنجيءَ ڏي، سامي ڪين ڏسن،
ديا دِرشٽ رکي ڪري، سڀ تي ڪرپا ڪن،
سدا سم رهن، استت آتم پد ۾.
(20)

جنهن ماڻهوءَ جو دل درد کان خالي آهي اهو انسانيت جي وصف کان خالي آهي. جڏهن ڪو ماڻهو درد کان واقف ٿئي ٿو، تڏهن ئي کيس خدا ۽ مخلوق جو ادراڪ ٿئي ٿو. ساميءَ جي دل به ان کان خالي نه هئي. سندس چيل ڪيترائي سلوڪ ان ڳالهه جو ثبوت آهن. بقول سامي:

ڪهڙو ڪريان حال، دردوندن جي دل جو،
جنڪي مليو ستگرو، دينا ناٿ ديال،
سدا رهي سامي چئي، ڪميا منجهه خوشحال،
آڪاس اتون پاتال، پون ڪين پلن جان.
(21)

عظيم شاعر پنهنجي ڪلام ۾ اعليٰ انساني قدرن جي پرچار ڪندا آهن ۽ انسانن کي نيڪ، صالح رهڻ جي تلقين ڪن ٿا ته جيئن هڪ بهترين معاشرو جنم وٺي.ساميءَ جي شاعريءَ ۾ به ڪيترن ئي اعليٰ قدرن جو درس مليو ٿو. جيئن هو فرمائي ٿو ته:

سدا ڪر شڪر، سامي در دوسن جي،
پاوين مِلي مِليدو، پاوين سڪو ٽڪر،
رکي چاهه اندر ۾، گهٽ وڌ ڪڏي نه گهر،
ٿور انهيءَ ۾ ٿر، ته خاصو خلوت دارٿئين.
(22)

اڄ جو انسان تڪبر جهڙي بيماري ۾ مبتلا آهي. انهن کي نصيحت ڪندي سامي فرمائي ٿو ته:

ڪري ڪوچ ويا، سڀيئي سنسار مون،
پير پيغمبر اولياء، جن پنهنجا ڳٽ ڪيا،
گياني ڌياني گرهستي، سامي پنڊ پيا،
سڀيئي غيب ٿيا، ٿو چا سمجهيو پاڻ کي.
(23)

سامي محبت کي انمول سمجهي ٿو. سامي جي نظر ۾ محبت هڪ اهڙو جذبو آهي جيڪو انسانن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو. انسانن جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿو. جيئن هرڻ ناد جو آواز ٻڌي ان طرف ڊوڙي ٿو، ڪنول جي خوشبو ڀنور کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. پتنگ روشني ڏسي پنهنجو سڀ ڪجهه ان تي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. ان عظيم جذبي کي سامي هيٺيئي سلوڪ ۾ هيئن بيان ڪيو آهي:

ڏيئا ڏسي پتنگا، جلي جوت سروپ ٿيا،
سياڻا سامي چئي، جل ۾ جل ترنگ،
تئين مليا محبوب سا، محبتي ملنگ،
سدا اليپ اسنگه، رهن بديهي ديهه ۾.
(24)

سامي موجب جيڪي محبتي ماڻهو هوندا آهن اهي هر ڪنهن سان محبت سان پيش ايندا آهن. هو طمع کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏين ٿا ۽ هر ڪنهن سان نياز ۽ نوڙت سان پيش اچن ٿا. بقول سامي:

محبتي مشتاق، ڪاڻ نہ ڪڍن ڪنهنجي،
ڏنائون ڏائڻ ڏسي، طمع کي طلاق،
سدا سپيرين سان، پرچيا رهن پاڪ،
ٻولن بيحد واڪ، سپاوڪ سامي چئي.
(25)

سامي؀ موجب حق جي ڳولا لاءِ سڪ لازمي آهي. حق انهي؀ کي نصيب ٿيئي ٿو جن کي پنهنجي پالڻهار جي لاءِ اڪير هجي ۽ هر پل ان جي ذڪر ۾ رڌل هجي. جن ماڻهن کي پنهنجي رب جي سچي سڪ هوندي آهي اهي دنيا کان پاسيرا هوندا آهن. بقول سامي:

جنهنکي لڳي سڪ، سامي سپيرين جي،
مٿي تنهنجي من مون، ٻي سيائي چڪ،
مورت محبوبن جي، سڀ ۾ ڏسي هڪ،
راتيون ڏينهان ٽڪ، لائي وينو لک سان.
(26)

سامي جي شاعري؀ جي هن مختصر جائزي مان معلوم ٿيو تہ سامي؀ جي شاعري ڪيترن ئي فڪري پهلوئن تي مشتمل آهي. سندس شاعري؀ جو پيغام خدا جي هيڪڙائي، رب جو ديدار، رب جي رضا، رب سان عشق، مرشد جي ساراهہ انساني برابري، دولت، لالچ ۽ لوڀ کان ڪنارا ڪشي، معاشري مان برائين جو خاتمو، نيڪي جو درس ۽ پيار، امن وارو معاشرو قائم ڪرڻ آهي.

سامي اسان جي ٻولي جو امين آهي. سندس شاعري نہ فقط اسان جو فڪري اثاثو آهي. ان سان گڏ هو اسان جي ٻولي؀ جو محافظ بہ آهي. سندس فڪري ڏارا اڄ بہ گلاب جي گل جيان مهڪي رهي آهي. اسان کي گهرجي تہ سامي ۽ ٻين صوفي شاعرن جي پيغام کي عام ڪريونڇاڪاڻ تہ اها شاعري؀ پنهنجو ڪردار نہ صرف ان زماني ۾ ادا ڪري رهي هئي بلڪ اڄ بہ ان جي اوتري ئي ضرورت ۽ اهميت آهي. ڇو تہ اها تنگ نظري ۽ تعصب کان پاڪ آهي. ان ۾ غور ۽ فڪر ڪندڙن لاءِ گهڻو مواد موجود آهي.

## حوالا


1. جويو، محمد ابراهيم، شاهه-سچل-سامي (1850 - 1689ع) هڪ مطالعو، شامل، ساميءَ جا سلوڪ، جلد ٻيو، پروفيسر بي-ايڇ ناگراڻي، ڊاڪٽرعبدالڪريم سنديلو، ترتيب ڏيندڙ، محمد ابراهيم جويو، حيدرآباد، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، 1992ع، ص. 94
2. ساڳيو، ص. 45
3. ساڳيو، ص. 96
4. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، مقالو، ”سامي ۽ سندس سلوڪن جا ڇاپا (وڌيڪ تحقيق جي ضرورت)“، شامل، ساميءَ تي هڪ نئين نظر، چونڊ ۽ سهيڙ، تاج جويو، ڪراچي، پريم ساگر پبليڪيشن، 2002ع، ص. 171
5. تنوير عباسي، مضمون، ”سنڌي شاعريءَ ۾ ساميءَ جي اهميت“، شامل، ساڳيو، ص. 31
6. جويو، محمد ابراهيم، ساڳيو، ص. 34
7. شيخ اياز، ساميءَ ويس سلوڪڙا، ترتيب، تاج جويو، شامل، پريم ساگر، پريم ساگر پبليڪيشن جو ماهوار رسالو، ڪراچي، سال 10، شمارو 100، نومبر-ڊسمبر 2001ع، ص. 28
8. ساڳيو، ص. 27
9. تاج جويو، مضمون، ”ساميءَ جي اجوڪيءَ سنڌ لاءِ اهميت“، شامل، ساڳيو، ص. 141
10. سامي، ساميءَ جا سلوڪ، ترتيب ڏيندڙ: ناگراڻي، بي-ايڇ، پروفيسر، حيدرآباد، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، 1978ع، مايا، ص. 7
11. ساڳيو، مورک، ص. 67
12. ساڳيو، اوديا، ص. 45
13. ساڳيو، ويساهه، ص. 177
14. پناڻ، ممتاز، ڊاڪٽر، مضمون، ”سامي“، شامل، ساميءَ تي هڪ نئين نظر، ساڳيو، ص. 115
15. سامي، ساميءَ جا سلوڪ، ساڳيو، عاشق، ص. 260

16. ساڳيو، سلوڪ اپديش، ص. 223
17. ساڳيو، اگياني، ص. 120
18. ساڳيو، ص. 119
19. ساڳيو، مايا، ص. 108
20. ساڳيو، لڪشڻ، ص. 302
21. ساڳيو، دردوند، ص. 351
22. ساڳيو، سلوڪ اپديش، ص. 263
23. رامواڻي، وندنا اشوڪ، ڊاڪٽر، سامي هڪ ويدانتي شاعر، الهاس نگر، رونق انٽر پرائيزز، 2010ع، ويراڳ، ص. 164
24. سامي، ساميءَ جا سلوڪ، ساڳيو، محبت، ص. 185
25. ساڳيو، درد وند، ص. 349
26. س ساڳيو، سڪ، ص. 41